# اولياءِ ڪرام جي
## ڪرامتن جو ثبوت

**02-November-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

2 نومبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اولياءِ ڪرام جي ڪرامتن جو ثبوت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... ڪرامت معجزي جو فيضان آهي

✿... حديثِ قُدسِي مان ڪرامت جو ثبوت...!

✿... قرآنِ ڪريم ۾ ڪرامتن جو ذڪر

✿... خاتُونِ جنت رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جي هڪ ڪرامت

✿... حديثن ۾ ڪرامت جو بيان

پيشڪش
اَلْمَدِيۡنَةُ الْعِلْمِيہ
Islamic Research Center
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اولياءِ ڪرام جي ڪرامتن جو ثبوت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

هڪ ڀيرو حضرت شيخ محمد بن سليمان جَزولي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وضو ڪرڻ جي لاءِ کوھ تي آيو تہ ان مان پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ ڪا شيءِ( ڏول ۽ رسي ) ڪانہ هئي. پاڻ انهيءَ پريشانيءَ ۾ مبتلا هئا تہ هن کوھ مان پاڻي ڪيئن ڪڍجي (تہ جيئن وضو ڪري وقت تي نماز ادا ڪري سگهجي)؟ ايتري ۾ هڪ اونچي مڪان تان هڪ ٻارڙي ڏٺو تہ پڇيائين: اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: محمد بن سُليمان جزولي(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه). ٻارڙي حيران ٿي چيو: ياشيخ! توهان ئي اهي شيخ آهيو نہ! جنهن جي نيڪين جو وڏو چرچو آهي، ان جي باوجود توهان پريشان آهيو تہ کوھ مان پاڻي ڪيئن ڪڍان! پوءِ ان ٻارڙيءَ کوھ ۾ پنهنجو لعاب (يعني ٿڪ) وِڌي. پيارا اسلامي ڀائرو! ڪمال ٿي ويو، هن ننڍڙي ٻارڙي جي ٿڪڻ سان ٿوري ئي دير ۾ کوھ

جو پاڻي وڏڻ شروع ٿيو ايسيتائين جو ڪنارن ڪان نڪري زمين تي وهڻ لڳو. حضرت شيخ سليمان جزولي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وضو ڪري فارغ ٿيا تہ اُن باڪمال ٻارڙي ڪان پڇيائون: مان توڪي قسم ڏئي پڇان ٿو تہ تو اهو ڪمال ڪٿان حاصل ڪيو؟ ان ٻارڙي جواب ڏنو: مان رسولِ ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندي آهيان. اهو ٻڌي حضرت شيخ سليمان جزولي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قسم ڪنيو تہ مان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ جي موضوع تي ڪتاب ضرور لکندس.

(سعادة الدارين،الباب الرابع فيماورد من لطائف...الخ،اللطيفة الخامسة عشرة بعد المائة،صفحه:158-)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ نبي رحمت، شفيع اُمت صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بابرڪت ذات تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ واري ٻارڙي کي الله پاڪ ڪهڙي تہ شاندار ڪرامت عطا فرمائي جو سندس ٽڪ سان کوهہ جو پاڻي ڪنارن ڪان نڪري زمين تي وهڻ لڳو، ڪاش هن باڪمال ٻارڙي جي صدقي ۾ اسان کي ۽ اسان جي ٻارن کي بہ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿيندي رهي.

الحمدلله! دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن سان گڏوگڏ ٻار ۽ ٻارڙيون بہ تسبيح ساڻ رکندا آهن ۽ مڪي مدني سرڪار، محبوب ربّ غفار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات تي ڪثرت سان درود ۽ سلام پيش ڪندا آهن. خاص ڪري دعوت اسلامي جي جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ بوائز ۽ گرلز جا ڪجهہ شاگرد ۽ شاگرداڻيون روزانو ڪثير تعداد ۾ درود شريف

پڙهڻ جون برڪتون لُٽيندا آهن.

ذکر و درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني اَلتَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعا سان تقدير بدلي ڇڏي

اسان جي پير حُضور غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زماني ۾ ابو مظفر نالي سان هڪ تاجر هيو، اهو هڪ ڀيري حضرتِ شيخ حمّاد

---

1...وسائلِ بخشش،صفحه:305ـ
2...بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1ـ

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: **حضور!** مان واپار جي لاءِ قافلي سان گڏ ملڪِ شام وڃي رهيو آهيان. توهان کي دعا جي لاءِ درخواست آهي.

وليءَ تہ آخر وليءَ هوندا آهن، سندن نگاهہ لوح محفوظ کي بہ ڏسي وٺندي آهي، جيئن تہ شيخ حمّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندس تقدير جو حال ڄاڻي ڪري، غيب جي خبر ڏيندي فرمايو: ”توهان پنهنجو سفر ملتوي ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن ويندؤ تہ ڌاڙيل توهان جو سڄو مال بہ ڦُري ويندا ۽ توهان کي بہ قتل ڪري ڇڏيندا.“

واپاري اهو ٻُڌي ڪري ڏاڍو پريشان ٿيو، انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ واپس موٽي رهيو هو تہ رستي ۾ حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ملاقات ٿي وئي. پڇيائون: ڇو پريشان آهيو؟ ان سمورو واقعو ٻڌايو، تہ حضورغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: ”پريشان نہ ٿيو شوق سان ملڪِ شام جو سفر ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه سڀ بهتر ٿي ويندو.“

تاجر ابو مظفر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڳالهہ مڃي ۽ قافلي سان ملڪ شام روانو ٿي ويو، ان کي ڪاروبار ۾ گهڻو فائدو ٿيو، دوران سفر ابو مظفر هڪ ڀيانڪ خواب ڏٺو تہ ڌاڙيلن قافلي تي حملو ڪري سڄو مال ڦري ورتو آهي ۽ سندن کي بہ قتل ڪري ڇڏيو آهي، خوف منجهان ان جي اک کلي وئي، گهٻرائي اٿيو تہ اتي ڪو ڌاڙيل وغيره نہ هو. بهرحال هُو تمام گهڻو منافعو ڪمائي خوشي خوشي بغداد شريف واپس وريو ۽ سوچڻ لڳو تہ پهريان غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان مِلان يا شيخ حمّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان؟ اتفاق سان رستي ۾ ئي حضرت شيخ حمّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملي ويا ۽ ڏسندي ئي فرمائڻ لڳا، پهريان غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ملو جو هو محبوبِ ربّاني آهن، انهن توهان جي حق ۾ 17 **ڀيرا دعا گهري** هئي، جنهن جي برڪت سان توهان جي تقدير بدلي، جنهن جي مون توهان کي خبر ڏني هئي. الله پاڪ توهان سان ٿيڻ واري واقعي کي غوثِ

اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دعا جي برڪت سان سُجاڳيءَ کان خواب واري حالت ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. (بهجۃ الاسرار،ص ۶۴ملخصا)

کِھلا میرے دِل کی کلی غوثِ اعظم | مٹا قلب کی بے کلی غوثِ اعظم
نہیں کوئی بھی ایسا فریادی آقا | خبر جس کی تم نے نہ لی غوثِ اعظم
صدا اگر یہاں میں نہ دُوں تو کہاں دُوں | کوئی اور بھی ہے گلی غوثِ اعظم
جو قسمت ہو میری بُری اچھی کر دے | جو عادَت ہو بد کر بھلی غوثِ اعظم[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرامت حَق آهي

اي عاشقانِ رسول! اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي شان نهايت بلند آهي، هي نيڪ ٻانها الله پاڪ جا وڏا محبوب ۽ پيارا هوندا آهن، ربّ ڪائنات انهن کي وڏن وڏن انعامن سان نوازيندو آهي، انهن مان هڪ انعام ڪرامت به آهي. ڪرامت يقيناً حق آهي، نُبوت جي زماني کان وٺي ڪري اڄ تائين ڪڏهن به هن مسئلي ۾ اهلِ حق جي وچ ۾ اختلاف ناهي ٿيو، سڀني جو متفق عقيدو آهي ته صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جون ڪرامتون حق آهن ۽ هر زماني ۾ الله وارن سان ڪرامتون ظاهر ٿينديون رهيون آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين اولياءِ ڪرام تشريف آڻيندا رهندا ۽ انهن کان ڪرامتون به ظاهر ٿينديون رهنديون.

---

[1]...سامانِ بخشش، صفحه:119-120 ملتقطاً۔

## ڪرامت ڇاکي چئبو آهي؟

ڪرامت جو مطلب آهي: وَلِيُّ الله کان ظاهر ٿيڻ وارو اهڙو ڪم جيڪو عادت طور ممڪن نہ هجي يعني ظاهري اسباب جي ذريعي ان جو ظاهر ٿيڻ ممڪن نہ هجي. جيئن: مُردن کي زنده ڪرڻ، اهو عادتاً ممڪن ناهي، جيڪڏهن وَلِيُّ الله، الله پاڪ جي عطا سان مُردن کي زنده ڪن تہ ان کي ڪرامت چونداسين، ايئن ئي صرف هٿ لڳائي ڪري، اک کان ڏسي ڪري لاعلاج مريض کي شفاء ڏيڻ، ڪنهن آلي(يعني موبائل وغيره) جي بغير پري کان ڳالهه ٻڌي وٺڻ، دل جي ڳالهه ڄاڻي وٺڻ، مدد جي لاءِ پُڄڻ، سوين ڪلو ميٽر جو سفر سُواري کان بغير ئي منٽن ۾ طئي ڪري وٺڻ وغيره، اهڙا ڪم جيڪڏهن وَلِيُّ الله کان ظاهر ٿين تہ ان کي **ڪرامت** چوندا آهن، اهڙائي ڪم جيڪڏهن الله پاڪ جي سچي نبين کان ظاهر ٿين تہ ان کي **معجزو** چئبو آهي. (شرح العقائد النسفيہ،صفحہ:313-314 مفصلًا۔) جڏهن ڪنهن عام مؤمنن کان اهڙو ڪم ظاهر ٿي تہ ان کي **مَعُونت** چيو ويندو آهي. (الشرح العقائد المسمیٰ بالنبراس،صفحہ:430۔)

## ڪرامت معجزي جو فيضان آهي

علامہ يُوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وَليءَ جي ڪرامت اصل ۾ نبي عَلَيْهِ السَّلام جو معجزو هوندي آهي (ڇوتہ وليءَ کان ڪرامت ظاهر ٿيڻ نبيعَلَيْهِ السَّلام جي سچي هجڻ جو دليل آهي جو جنهن نبيعَلَيْهِ السَّلام جي پيروڪار جي اها شان آهي، تہ خُود اُن نبي جي شان ۽ عظمت جو ڇا عالم هوندو). وڌيڪ لکن ٿا: جڏهن ٻانهو پنهنجي نفس کي، پنهنجي نفساني خواهشن کي مٽائي ڪري هر طرح سان الله پاڪ جي رضا ۾ راضي ٿي ويندو آهي، اهو ئي ڪم ڪندو آهي، جنهن ۾ الله پاڪ جي رضا هجي، جن ڪمن کان الله پاڪ منع فرمايو

آهي، ان ڪان پاسيرو ٿي ويندو آهي، مطلب تہ پنهنجي پاڻ کي الله پاڪ جي مرضي ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي تہ الله پاڪ بہ پنهنجي رحمت سان، پنهنجي فضل سان ان ٻانهي جي مرضي کي پورو فرمائيندو آهي.

(جامع کرامات الاولياء،المطلب الاول فی اثبات کرامات الاولياء...الخ،جلد:1،صفحہ:13 ملتقطًا۔)

## صحابي رسول جي ڪرامت

حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ مشهور صحابي رسول آهن. هڪ ڀيرو پاڻ رضی اللہ عنہ مداين شهر کان نڪتا، سندن مهمان بہ ساڻ هيو، (رستي ۾ هڪ هنڌان گذريا تہ) هرڻ جنگل ۾ گهمي رهيا هئا، ۽ پکي هوا ۾ اڏامي رهيا هئا، حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ چاهيو تہ مهمان جي مهمان نوازي ڪئي وڃي. جيئن تہ پاڻ هرڻ ۽ پکين کي پڪاري فرمايو: اي هرڻو! اي پکيؤ! توهان مان هڪ پکي ۽ هڪ هرڻ مون وٽ اچي وڃي، مان پنهنجي مهمان جي مهمان نوازي ڪرڻ ٿو چاهيان.

قربان وڃو! صحابي رسول حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ جو آواز ٻڌي ڪري هڪ هرڻ ۽ هڪ پکي ڪنڌ جهڪائي ادب سان حاضر ٿيا. اهو منظر ڏسي ڪري اهو شخص ڏاڍو حيران ٿيو ۽ تعجب وچان ان جي زبان مان بي اختيار نڪتو: سُبْحٰنَ الله! حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ فرمايو: ڇا توکي حيراني ٿي رهي آهي؟ ڇا تو ڪڏهن اهڙو ٻانهو ڏٺو آهي تہ جيڪو پنهنجي ربّ جي اطاعت ڪندو هجي پر اهي شيون(جيڪي انسان جي خدمت جي لاءِ ٺهيون هجن اهي) سندن اطاعت نہ ڪن. (1)

الله! الله! خبر پئي، ڪرامتون الله پاڪ جو هڪ فضل آهي جيڪي الله پاڪ پنهنجي محبوب ٻانهن کي عطا فرمائيندو آهي.

[1]...جامع کرامات الاولياء، ھذا کرامات اربعۃ و خمسين وليا...الخ، جلد:1، صفحہ:116۔

# حديث قدسي مان ڪرامت جو ثبوت

بخاري شريف ۾ هڪ حديثِ قدسي آهي. حديثِ قدسي ان حديث شريف کي چوندا آهن: جنهن ۾ فرمان الله پاڪ جو هوندو آهي ۽ زبان مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هوندي آهي، آسان لفظن ۾ هيئن سمجهو ته عام حديثن ۾ ڪلام پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هوندو آهي ۽ صحابہ راوِي (يعني ٻڌي ڪري اڳتي ٻڌائڻ وارا) هوندا آهن جڏهن ته حديثِ قدسي ۾ ڪلام ربِّ ڪريم جو هوندو آهي ۽ رسولِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راوي هوندا آهن. اچو! بخاري شريف جي حديثِ قدسي ٻڌون ٿا:

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ فرمائي ٿو: جنهن منهنجي ولي سان دشمني ڪئي، مان ان سان اعلانِ جنگ ڪيان ٿو. ٻانهو جن ذريعن سان منهنجو قُرب حاصل ڪندو آهي، انهن مان منهنجو سڀني کان پسنديده ذريعو فرائض (مثال طور نماز، روزو، حج. زڪوٰة وغيره) آهن ۽ منهنجو ٻانهو نوافل جي ذريعي منهنجو قُرب حاصل ڪندو رهندو آهي، ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو مان ان سان محبت ڪرڻ لڳندو آهيان، پوءِ جڏهن مان ان سان محبت ڪندو آهيان ته مان ان جا ڪَن ٻڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ٻڌندو آهي، مان ان جون اکيون ٻڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ڏسندو آهي، مان ان جا هٿ ٻڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو پڪڙيندو آهي، مان ان جا پيرَ ٻڻجي ويندو آهيان، جنهن سان اهو هلندو آهي، جيڪڏهن اهو مون کان گهرندو آهي ته مان ان کي ڏيندو آهيان، جيڪڏهن اهو منهنجي پناهه وٺندو آهي ته مان ان کي پناهه ڏيندو آهيان.

(بخاری،کتاب: الرقاق،باب: التواضع،صفحہ:1597 ،حدیث:6502۔)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: (مطلب هي آهي ته جڏهن ٻانهو الله

پاڪ جو قرب حاصل ڪندي ڪندي، ان جو محبوب ٿي ويندو آهي ته هاڻي) هي ٻانهو فَنَافِي الله جي مقام تي فائز ٿي ويندو آهي، جنهن سان خُدائي (يعني الله پاڪ جون ڏنل خاص) طاقتون ان جي عضون ۾ ڪم ڪنديون آهن ۽ اهو اهڙا ڪم ڪندو آهي جيڪي عقل کان ٻاهر آهن. (مرآة المناجيح،جلد:3، صفحه:309۔)

## حديث شريف جي هڪ مثال سان وضاحت:

پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جي مبارڪ عضون ۾ ربّ قادر ۽ قيُّوم جي ڏنل خاص طاقت ڪيئن رکي ويندي آهي، اها ڪيئن ڪم ڪندي آهي، اها ڳالهه هڪ مثال سان سجهائيندي حضرت علاّمه عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڏسو! لوهه ساڙيندو ناهي، بلڪل ٿڌو هوندو آهي، ان جو رنگ ڪارو هوندو آهي پر ڪجهه منٽن جي لاءِ جيڪڏهن لوهه باهه جي ڀٺي ۾ رکيو وڃي ته باهه ان لوهه کي پنهنجي تپش ۽ پنهنجو رنگ عطا ڪندي آهي، لوهه باهه جيان ڳاڙهو ۽ گرم ٿي ويندو آهي، هاڻي جيتوڻيڪ لوهه اهو ئي آهي پر ان جا ڪم بدلجي ويا، پهريان هي ٿڌو هو ساڙيندو نه هيو، هاڻي اُن ۾ به تپش اچي وئي، اهو به ساڙڻ لڳندو. وڌيڪ غور ڪيو! هاڻي لوهه ڪم جيتوڻيڪ اهو ئي ڪري رهيو آهي، جيڪو باهه ڪندي آهي پر ڪو به عقلمند اهو نه چوندو ته لوهه باهه بڻجي ويو آهي يا باهه لوهه بڻجي وئي آهي. اهو صرف سمجهائڻ جي لاءِ هڪ مثال آهي، هن مان اولياءِ ڪرام جي شان سمجهي وٺو ته اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جڏهن الله پاڪ جي ڪامل فرمانبرداري ڪندا آهن، پاڻ کي الله پاڪ جي رضا ۾ فنا ڪري ڇڏيندا آهن، ڏينهن رات الله پاڪ جي محبت ۾ گذاريندا آهن ته هاڻي الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان انهن پنهنجي محبوب ٻانهن کي پنهنجي قدرت ۽ طاقت جو اهڙو جلوو عطا فرمائيندو آهي جو انهن ٻانهن

جي قدرت ۽ طاقت ڏسي ڪري خُدا جي قُدرت ياد ايندي آهي پر ان مقام ۾ به ٻانهو ٻانهو آهي ۽ الله الله آهي. (اعظمی کی تقریریں،نورانی تقریریں،صفحہ:144-145 بتغير قليل ـ)

اها ئي ڳالھ ڪنهن فارسي شاعر چئي آهي:

خاصانِ خُدا خُدا نباشُد | لیکن ز خُدا جُدا نباشُد

يعني الله وارا خُدا ناهن هوندا پر ياد رکو! اهي خُدا کان جُدا به ناهن هوندا.

## الله پاڪ جي عطا ۾ ڪابہ رڪاوٽ ناهي

حضرت علاّمہ عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏيڪ فرمائن ٿا: (هتان کان هڪ ٻي ڳالھ بہ سمجهي ونو!) جڏهن باھ ۾ اها قدرت آهي تہ ڪجھ ئي منٽن ۾ لوھ کي پنهنجي تپش ۽ پنهنجو رنگ عطا ڪري سگهي ٿي تہ ڇا ربّ ڪائنات پنهنجي محبوب ٻانهن کي پنهنجي قُدرت جو مظهر نٿو بڻائي سگهي...؟ بلڪل بڻائي سگهي ٿو،[1] الله پاڪ وڏين قدرتن وارو آهي، اهو بي نياز آهي، ان جي عطائن کي ڪوبہ شمار نٿو ڪري سگهي، اهو پاڻ فرمائي ٿو:

وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا (پاره:15،سورة بني اسرائيل:20)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ تنهنجي رب جي عطا تي ڪا پابندي نہ آهي.

معلوم ٿيو الله پاڪ جي عطا ۾ ڪا رَوڪ ناهي، الله پاڪ جنهن کي جيترو چاهي عطا فرمائي، جيڪو چاهي عطا فرمائي. جيڪڏهن الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي بي پناھ طاقت ۽ ڪرامتون عطا ڪري ٿو تہ ڪنهن جي ڇا مجال جو الله پاڪ تي اعتراض ڪري.

---

[1] ...اعظمی کی تقریریں،نورانی تقریریں،صفحہ: 145 بتغير قليل۔

انڪري ڪرامت جو انڪار ڪرڻ اصل ۾ ڪرامت جو انڪار ناهي بلڪ اللّٰہ پاڪ جي عطا ۽ ان جي قُدرت جو انڪار آهي، يعني جيڪو ٻانهو ولين جون ڪرامتون ناهي مڃيندو، اهو ڄڻ هي نظريو رکي ٿو تہ اللّٰہ پاڪ پنهنجي ٻانهن کي ڪجهہ عطا ناهي ڪري سگهندو. الامان والحفيظ! اللّٰہ پاڪ اسان کي اهڙي بي ادبي کان ۽ اهڙي بُري نظريي کان هميشہ محفوظ رکي. بيشڪ ڪرامت حق آهي ۽ اولياءِ ڪرام کان ڪيترين ئي ڪرامتن جو ظهور بہ ٿيندو آهي.

## قرآن ڪريم ۾ ڪرامتن جو ذڪر

اي عاشقانِ رسول! اللّٰہ پاڪ جي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ بہ اولياءِ جون ڪيئي ڪرامتون ذڪر ڪيون ويون آهن. مثال طور: اصحابِ ڪهف جيڪي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا اُمّتي ۽ وڏي شان وارا وليءَ هئا، انهن جي متعلق قرآن ڪريم ۾ پوري سورت موجود آهي، انهن جي ڪرامت اها بيان ٿي تہ غار ۾ 300 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ستل رهيا، ان دوران نہ سندن جسمن کي ڪو نقصان رسيو نہ ئي انهن کي ڪنهن قسم جي تڪليف پهتي، پوءِ 300 سال کان بعد هُو صحيح سلامت غار مان اٿيا، ساڻس هڪ ڪتو بہ هيو، اهو بہ غار جي چائنٺ تي هيو، اهو بہ انهن سان 300 سال تائين ستل رهيو، ان کي بہ ڪنهن قسم جي ڪا تڪليف نہ پهتي، امام فخري الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **ايڏو وڏو عرصو ستل رهڻ، انهن جي جسمن ۾ ڪا تبديلي نہ ٿيڻ، پوءِ سلامتيءَ سان جاڳڻ اصحابِ ڪهف جي ڪرامت آهي.**

(تفسيرڪبير،پاره:15،الڪهف،زيرِ آيات:16-17،جلد:7،صفحہ:443-444 خلاصۃً۔)

## بي موسمي ميوا ملڻ بہ ڪرامت آهي

**انهيءَ** طرح قرآن ڪريم ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده حضرت مريَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جي بہ ڪرامتن جو ذڪر آهي. اهي ڪير پيئڻ جي عمر ۾ هيون،

حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام سندن ماسڙ آهن، حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا کي حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪفالت ۾ ڏنو ويو،(1) مسجد اقصيٰ شريف ۾ هڪ حجرو هيو، حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي اُتي رکيو، حجري جي چابي حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام وٽ هوندي هئي، سندن کان علاوه نه ڪو اندر ويندو هيو، نه ڪو ٻاهر نڪرندو هيو، ان جي باوجود حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن حُجري ۾ ويندا هئا ته اُتي بي موسمي ميوا ڏسندا هئا، (2) اُهي ميوا جيڪي انهن ڏينهن ۾ مارڪيٽ ۾ نه ملندا هئا، اهي ميوا حضرت بيبي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي ڪمري ۾ موجود هوندا هئا، هاڻي حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا کان پڇيو: اي مريم! هي ميوا تو وٽ ڪٿان کان اچن ٿا؟ حضرت بيبي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جيڪو ايمان اَفروز جواب ڏنو، اهو دل جي ڪنن کان ٻڌو!

هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَرْزُقُ مَنْ یَّشَآءُ بِغَیْرِ حِسَابٍ ﴿۳۷﴾

ترجموڪنزالعرفان: هي الله جي طرفان آهي بيشڪ الله جنهن کي چاهيندو آهي بيشمار رزق عطا فرمائيندو آهي. (پاره:3، آل عمران:37)

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيترو نرالو ۽ ايمان اَفروز جواب آهي، هتي ڏسو ڪيترين ڪرامتن جو ذڪر آهي. ❁ حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو ننڍي عُمر ۾ ڪلام ڪرڻ، اها هڪ ڪرامت آهي. ❁ ان عمر ۾ جڏهن ٻارن کي صحيح ڳالهائڻ به ناهي ايندو، اُن عمر ۾ حضرت مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو الله پاڪ کي سڃاڻڻ، ان جي صفتن کي ڄاڻڻ ته هُو رزاق به آهي، اهو خالق به آهي، اهو عظيم قدرتن وارو به آهي، اهو پنهنجي ٻانهن کي غيب مان بي موسمي ميوا عطا فرمائي سگهي

1… (تفسيرِ نعيمي،پاره:3،آلِ عمران،زيرِ آيت:37،جلد:3 ،صفحه:397 خلاصةً۔)
2… (حاشية الصاوی علی تفسيرِ جلالين،پاره:3،آلِ عمران،زيرِ آيت:37،جز:1،جلد:1،صفحه:231۔)

تو، اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ونئڻ، اها بہ ڪرامت آهي ۽ سندن عزت ۽ اڪرام ۾ غيب مان بي موسمي ميون جو اچڻ، اها ٽئين ڪرامت آهي.

(تفسيرِ نعيمی،پاره:3،آلِ عمران،زيرِ آيت:37، جلد:3، صفحہ:399 خلاصةً)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو: وَلِيُّ الله جو ننڍپڻ ۾ نہ ڳالهائڻ واري عمر ۾ ڳالهائڻ، اها بہ ڪرامت آهي، ان جو ذِڪر قرآن ڪريم ۾ ٿيو، وَلِيُّ الله جو ننڍپڻ ئي ۾ الله پاڪ جي سڃاڻپ ۽ اهڙو علم ڄاڻي ونئڻ جيڪو وڏن وڏن کي بہ مشڪل سان ايندو هجي، اها بہ ڪرامت آهي، ان جو ذڪر بہ قرآنِ ڪريم ۾ آهي. ۽ غيب مان رزق ملڻ، اها بہ ڪرامت آهي ۽ ان جو بہ ذڪر قرآن ڪريم ۾ موجود آهي.

## غوث پاڪ جي ننڍپڻ شريف جون ڪرامتون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُلله! اهي ٽي قسم جون ڪرامتون هن اُمت جي اولياءِ ڪرام سان بہ ظاهر ٿينديون آهن. ڪيترا ئي اهڙا اولياءِ ڪرام آهن جيڪي ننڍپڻ ئي ۾ اهڙيون علمي ڳالهيون ڪندا هئا جو عقل دنگ رهجي ويندي هئي، اسان جي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ننڍپڻ جون بہ ڪوڙ ڪرامتون آهن، مثلاً: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اڃا امڙ جي پيٽ ۾ هئا ۽ سندن امڙ کي جڏهن نِڇ ايندي هئي ۽ اها ان تي جڏهن اَلحَمدُلله چوندي هئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيٽ ۾ ئي جواب ۾ يَرحَمُكِ الله چوندا هئا (مُنّے کی لاش،صفحہ:3 بتغير قليل۔)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي ڪرامت....!! اندازو لڳايو! اَڄ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن کي نِڇ اچڻ جو جواب ڏيڻ اچي تو؟ بلڪ ڪيترا اهڙا آهن جن کي معلوم آهي تہ نِڇ جو جواب ڏيڻ جو بہ ڪو تصور آهي، پوءِ عربي گرامر ۾ غوث پاڪ

رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي مهارت ڏسو! جڏهن مرد ڪي ڇِڪ اچي ته ان جي جواب ۾ يَرْحَمُكَ الله چئبو آهي ۽ جڏهن عورت ڪي ڇِڪ اچي ته ان جي جواب ۾ يَرْحَمُكِ الله چئبو آهي. سُبْحٰنَ الله! غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ماءُ جي پيٽ ئي ۾ ڪيتري نه مهارت رکندا هئا، ڪلام به ڪندا هئا ۽ عربي ۾ عربي گرامر جو لحاظ رکي ڪري ڳالهائيندا هئا.

❁ انهيءَ طرح پنج سالن جي عمر ۾ جڏهن پهريون ڀيرو بِسْمِ الله پڙهڻ جي رسم جي لاءِ ڪنهن بزرگ وٽ وينا ته اَعُوذ ۽ بِسْمِ الله پڙهي سورة الفاتحه ۽ الٓمّٓ کان وٺي ارڙهن سيپارا پڙهي ٻُڌايائون. ان بزرگ چيو: پٽ! اڃا پڙهو. فرمايائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي ڇو ته منهنجي امڙ کي به ايترو ئي ياد هو، جڏهن آءٌ پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هيس ان وقت پاڻ پڙهنديون هيون، سو مون ٻُڌي ياد ڪري ورتو هو.( مُنّے کی لاش ،صفحہ:4 بتغير قليل۔)

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اولياءِ ڪرام جي شان...!! معلوم ٿيو ڪيترائي ولي اهڙا آهن جيڪي پيدائشي ولي هوندا آهن، الله پاڪ سندن مٿي تي ولايت جو تاج سجائي ڪري دنيا ۾ موڪليندو آهي، تنهنڪري انهن کان ننڍپڻ شريف ۾ به ڪرامتن جو ظهور ٿيندو رهندو آهي.

## خاتونِ جنت جي هڪ ڪرامت

❁ انهيءَ طرح غيب مان کاڌو ملڻ، اها به ڪرامت آهي ۽ هيءَ ته اها ڪرامت آهي جيڪا پاڻ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات ۾ به ظاهر ٿي، جي ها! سيّده فاطمة الزهراء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي لاءِ غيب مان کاڌو اچڻ جي حڪايت پڙهو!

# برڪت وارو ٿانءُ

ڏڪار واري زماني ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُک محسوس ڪئي تہ شهزاديءِ رسول حضرت بيبي فاطمہ زهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا (هڪ ٿانءَ ۾) هڪ ٻوٽي ۽ 2 مانيون ايثار ڪندي بارگاه رسالت ۾ موڪليون. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن تحفي سان گڏ حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: اي منهنجي ڌيءَ! هيڏي اچ. حضرت بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جڏهن ان ٿانءَ کي کوليو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا اهو ڏسي ڪري حيران ٿي ويون تہ اهو ٿانءُ مانين ۽ ٻوٽين سان ڀريل هيو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڄاڻي ورتو تہ هي الله پاڪ جي فضل سان آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيده فاطمہ زهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان پڇيو: اَنّٰى لَكِ هٰذَا؟ يعني هي سڀ تو وٽ ڪٿان آيو؟ بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: هُوَ مِنْ عِنْدِ اللهِ اِنَّ اللهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ يعني اهو الله پاڪ طرفان آهي، بيشڪ الله جنهن کي چاهي بغير حساب ڏي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ جنهن توکي بني اسرائيل جي سردار(يعني حضرت بيبي مريم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) جي مشابہ ڪيو.

پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موليٰ علي، حسن و حُسين ۽ ٻين اهل بيت رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي جمع ڪري سيني سان گڏجي ٿانوءَ مان کاڌو تناول فرمايو ۽ سيني ڍؤ ڪري کاڌو پوءِ بہ کاڌو اوترو ئي بچيل هيو ۽ ان کي حضرت بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي پاڙيسرين کي کارايو.

اهو واقعو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامہ اسماعيل حقي حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انهيءَ طرح سلف صالحين، صحابہ ڪرام، تابعين ۽ ان کان بعد انهن جي پيروي ڪرڻ وارن کان ڪرامتن جو ظهور ٿيندو آهي.

(تَفْسِيرِ رُوْحُ الْبَيَان، پاره:3، آلِ عِمْرٰن،زير آيت:37، جلد2، صفحہ:31۔ )

# سُڪل ڪجين تي يڪدم ميوا لڳي ويا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام جي والده محترمہ حضرت مريم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها جي هڪ ٻي بہ ڪرامت قرآن ڪريم ۾ بيان ٿي آهي، جيئن تہ سيپاري: 16، سورت مريم ۾ اهو واقعو آهي تہ جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام جي ولادت جو وقت ويجهو ٿيو، حضرت مريم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها اڪيلي هئي، ڪيس ڪجهہ کائڻ جي حاجت هئي، سندن ويجهو ئي هڪ سُڪل ڪجيءَ جو ٿڙ هيو، اُن ۾ پن بہ نہ هئا، رڳو ٿڙ ئي باقي هيو، حضرت مريم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها کي حڪم ٿيو:

وَهُزِّيٓ اِلَيۡكِ بِجِذۡعِ النَّخۡلَةِ تُسٰقِطۡ عَلَيۡكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿۲۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ تون ڪجيءَ جي ٿُڙَ کي پاڻ ڏانهن لوڏ تہ تو تي تازيون پڪل کجوروں ڪيرائيندو. (پاره:16، مريم:25)

صحابي رسول حضرت عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُما فرمائن ٿا: اهو ٿڙ بلڪل خشڪ هيو حضرت مريم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها جڏهن ان کي ڌوڏيو ۽ سندن ٿڙ جي طرف ڏٺو تہ اُن ۾ تاريون نڪري آيون هيون، پوءِ ان تي گُل ڦٽا، گُل ڪچين کجورن ۾ تبديل ٿيا، ان تي رنگ آيو، چوهارا بڻيا، پوءِ اهي پَچي تيار ٿي رَس واريون کجوروں بڻجي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها جي سامهون ڪِرڻ لڳيون. اهو سڀ ڪجهہ اک ڇنڀ ۾ ٿيو. (تفسيرِ قرطبی،پاره:16،مريم،زيرِ آيت:25، جز:11،جلد:6، صفحہ:17۔)

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو، اولياءِ ڪرام جو هٿ لڳڻ جي برڪت سان سُڪل ٿڙ ساوا ٿي ويندا آهن، باغ ٿرڻ لڳندا آهن، گُل ۽ ميوا لڳندا آهن، انهن جي هٿن جي برڪت سان، ڏڪار ختم ٿي ويندو آهي. اها بہ ڪرامت آهي ۽ ان جو ذڪر بہ ڪٿي ٿيو؟ قرآنِ ڪريم ۾.

## دعاءِ غوثيہ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُللهُ! هن اُمّت جي اولياءِ ڪرام کان بہ اهڙين ڪرامتن جو ظهور ٿيو آهي. شيخ ابو مظفر اسماعيل بن علي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي باغ ۾ بہ ڪجيءَ جا وڻ هئا، جيڪي بلڪل سڪل هئا، چئن سالن کان اهي ميوو نہ ڏئي رهيا هئا، مان انهن کي ڪٽڻ جو سوچي رهيو هئس، پوءِ ايئن ٿيو: منهنجي قسمت چمڪي، غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه منهنجي باغ ۾ تشريف ڪٽي آيا، پاڻ هڪ ڪجي جي وڻ وٽ وضو ڪيو، ٻئي جي هيٺان نماز پڙهي، پوءِ مون کي دعا ڏنائون تہ: الله پاڪ تنهنجي زمين، تنهنجي درهم، تنهنجي پيماني ۽ تنهنجي جانورن ۾ برڪت ڏي.

سندن دعا جي برڪت هي ظاهر ٿي جو ❁ هن سال منهنجي آمدني پهريان کان ڪيترائي ڀيرا وڌي وئي. ❁ مان هڪ درهم خرچ ڪندو هئس تہ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ نفعو ملندو هو. ❁ مون ڪڻڪ جون 100 ٻوريون گڏ ڪيون، انهن مان 50 صدقو ڪيون، باقي بچيل مان آءُ استعمال ڪندو رهيس، پوءِ ڳڻيون تہ اهي 100 جون 100 موجود هيون،❁اهڙي طرح منهنجا جانور ايترا ٿي ويا جو انهن جي ڳڻپ نہ ٿي سگهندي هئي ۽ سندن دعا جي اها برڪت سالن جا سال مون کي ملندي رهي.(بَہۡجَۃُ الۡاَسۡرَار ،ذکر فصولِ من کلامہ مرصعا...الخ،صفحہ:91ملتقطًا۔)

## فاصلي جو گهٽجڻ بہ ڪرامت آهي

اي عاشقانِ رسول! اولياءِ ڪرام جون اهي ڪرامتون جن جو ذڪر قرآنِ ڪريم ۾ آيو آهي، انهن مان هڪ ڪرامت حضرت سُليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي صحابي حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بہ آهي، سيپاري: 19، سورت نمل ۾ اهو

واقعو بيان ٿيو، جنهن جو خلاصو ڪجهه هن طرح آهي ته ملڪ بلقيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جيڪا پهريان غير مسلم هئي، سج جي عبادت ڪندي هئي، يمن جي ملڪ جي ملڪ هئي، حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلام کي جڏهن ان جي متعلق خبر پئي ته پاڻ ان ڏانهن خط لکيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني، هاڻي حضرت ملڪ بلقيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها اسلام قبول ڪرڻ جي نيت سان حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلام جي طرف رواني ٿي، ملڪ بلقيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جو هڪ تخت هيو، اهو تخت 7 محلن مان سيني کان پچاڙي واري محل ۾ رکيو، ستن ئي محلن کي بند ڪري، تالا لڳرائي ڇڏيا، ملڪ بلقيس جو لشڪر حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلام کان تقريباً 3 ميلن جي فاصلي تي هيو، ان وقت حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلام پنهنجي درٻارين کي فرمايو: اوهان مان ڪير ملڪ بلقيس جو تخت هتي کڻي ايندو؟ هڪ جنّ چيو: مان درٻار جو وقت ختم ٿيڻ کان پهريان حاضر ڪندس. حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلام فرمايو: مان ان کان به جلدي چاهيان ٿو، هاڻي حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو:

اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ-

ترجمو ڪنز العرفان: مان ان کي اوهان جي بارگاهه ۾ اوهان جي اک ڇنڀ کان اڳ ۾ کڻي ايندس(سيپارو:19، سورة نمل: 40)

سُبْحٰنَ الله! حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلام اکين کي ڇنڀي ڏنو ته تخت سامهون موجود هيو.( تفسيرِ صراط الجنان،پاره:19 ،النمل،زيرِ آيت:22-40 ،جلد:7 ،صفحه:193 -203ملتقطًا۔)

الله! الله! اها آهي وَليُّ الله جي ڪرامت...!! ڪيئي ميل پري مفاصلو.... ڪيئي ڪلو وزني تخت...... حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شاهي درٻار ۾ آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اک ڇنڀ ۾ تخت حاضر ڪري ڇڏيائون، هن مان خبر پئي ته اولياءِ

ڪرام جي لاءِ زمين سوڙهي ڪئي ويندي آهي، انهن جي لاءِ ڪو فاصلو ناهي رهندو، هي سوين ڪلو ميٽر جو مفاصلو گهڙي ڪن ۾ طئي ڪري وٺندا آهن، اها بہ ڪرامت آهي ۽ اها ڪرامت ڪٿي بيان ٿي؟ قرآنِ ڪريم ۾.

## امام جلال الدين سيوطي حج تي ڪيئن پهتا......؟

اَلحَمدُلِلّٰه! هن اُمت جي بہ ڪيترن ئي ولين کان اهڙين ڪرامتن جو ظهور ٿيو آهي. مثال طور. امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گهر، پنهنجي ڪمري کان ڪجهہ ئي گهڙين ۾ مڪي شريف پهتا، عمرو ادا ڪيو، پوءِ واپس تشريف بہ ڪٺي آيا، جيئن تہ امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ خادم هيو: حضرت محمد بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: جيڪڏهن منهنجي وصال کان اڳ ۾ تون منهنجو راز ظاهر نہ ڪرين تہ اڄ عصر جي نماز مڪي شريف ۾ پڙهڻ جو اِرادو آهي. مون عرض ڪيو: جي! صحيح آهي (يعني مان راز ظاهر نہ ڪندس). سو امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجو هٿ پڪڙي فرمايو: اکيون بند ڪر! مون اکيون بند ڪيون. اسان تقريباً 27 قدم مس هليا هئاسين تہ فرمايائون: هاڻي اکيون کوليو! مون اکيون کوليون تہ اسان مڪي شريف ۾ جَنَّتُ الْمَعْلیٰ جي دروازي تي هئاسين، پوءِ اسان اُمُّ المؤمنين حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللهُ عَنْها جي مزار پاڪ جي زيارت ڪئي سون، پوءِ حرم پاڪ آياسين، طواف ڪيو، زم زم شريف پيتو، پوءِ مقامِ ابراهيم جي ويجهو ويهي رهياسون، پوءِ عصر جي نماز پڙهي، اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان بعد امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: جيڪڏهن چاهيو تہ مون سان گڏ واپس هلو، نہ تہ حاجين سان گڏيو اچجان، مون عرض ڪيو: حضور مان اوهان سان گڏ

هلندس، سو اسان جنَّتُ الْمَعْليٰ جي دروازي تائين آياسون، امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اکيون بند ڪر. مون اکيون بند ڪيون، ٿوري دير کان پوءِ فرمايائون: هاڻي اکيون کول! مون اکيون کوليون تہ اسان مصر ۾ واپس اچي چڪا هئاسين.

( اَلْكَوَاكِبُ السَّائِرَه باعيان المائة العاشرة، جلد:1، صفحہ:229ملتقطًا۔)

## هر خميس تي بريلي کان مديني جو سفر

اسان جا آقا، اعلي حضرت امام اهل سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر جمعرات تي بريلي کان مديني شريف تشريف کڻي ويندا هئا. خليفہءِ اعلي حضرت مولانا جميل رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جا صاحبزاده حضرت علاّمہ مولانا حميدُ الرَّحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قادري رضوي فرمائن ٿا: مان انهن ڏينهن ۾ ننڍو ٻار هيس ۽ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون سان بہ، ۽ هر ننڍي ٻار سان ”اوهان“ چئي ڪري گفتگو فرمائيندا هئا. چڙهون ڏيڻ، دڙڪا ڏيڻ ۽ تون تون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزاج مبارڪ ۾ نہ هو. هڪ پيري خميس جي ڏينهن مان بريلي شريف ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر ۾ حاضر هئس تہ هڪ شخص کين ملاقات لاءِ آيو، ۽ اهو وقت عام ملاقات جو نہ هو، پر هو ملڻ لاءِ اِصرار ڪري رهيو هو نيٺ مان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خاص ڪمري ۾ پيغام ڏيڻ لاءِ هليو ويس، پر ڪمري ۾ تہ ڇا پوري گهر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪٿي بہ مون کي نظر نہ آيا. اسان حيران هئاسين تہ آخر ڪيڏانهن تشريف کڻي ويا. انهيءَ سوچ ۾ سيئي بيٺا هئاسين تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اوچتو پنهنجي خاص ڪمري مان ٻاهر نڪتا. سڀ حيران ٿي ويا ۽ پڇڻ لڳا تہ جڏهن اسان توهان

ڪي ڳوليو ته توهان ڪٿي به نظر نه آيؤ. پر هاڻي اوهان پنهنجي ئي ڪمري مان ٻاهر تشريف ڪٿي آيا آهيو ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ماڻهن جي تمام گهڻي اصرار ڪرڻ تي ارشاد فرمايائون: ”اَلحَمدُلله مان هر خميس تي هن وقت پنهنجي هن ئي ڪمري مان بريلي کان مديني منوره زادَها اللهُ شَرَفاً وتَعظِيماً جي حاضري ڏيندو آهيان.( بریلی سے مدینہ ،صفحہ:2-3 خلاصۃً )

جہاں سے چاہیں مدینے کو جانکلتے ہیں
ہمیں زمیں پہ سفر کی اجازت ایسی ہے

## غير مسلم کي ڪلمو پڙهائي ابدال بڻائي ڇڏيو

ايئن ئي حضور غوث اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه.....!! اهي ته ولين جا سردار آهن، انهن جي ته شان ئي نرالي آهي. شيخ ابوحسن بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مان سڄي رات جاڳندو رهندو هئس ته جيئن ڪنهن وقت حضور غوث پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي خدمت بجا آڻيان، هڪ رات مون ڏٺو: حضور غوثِ اَعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي گهر کان ٻاهر تشريف ڪٿي ويا، مون پاڻيءَ جو لوٽو(ڪوئنرو) حاضر ڪيو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هيڏانهن هوڏانهن متوجهه ٿيڻ بغير دروازي ڏانهن تشريف ڪٿي ويا، دروازو ازخود کلي ويو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه اڳتي هلندا ويا مان به پنيان پنيان هلندو آيس حضور غوثِ اَعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه بغداد شهر کان ٻاهر تشريف ڪٿي آيا، اجا **ٿورا قدم ئي هليا هئا ته هڪ شهر نظر آيو،** مون اهو شهر پهريان ڪو نه ڏٺو هو.

حضور غوثِ اَعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان شهر ۾ داخل ٿيا ۽ هڪ گهر ۾ هليا ويا، اتي 6 ماڻهو وينا هئا، انهن اٿي بيهي سندن تعظيم ڪئي ۽ سلام عرض ڪيو، ان گهر جي هڪ ڪنڊ مان روئڻ ۽ ڇِنگهڻ جو آواز اچي رهيو هو، ٿوري دير ۾ اهو آواز بند ٿي ويو، ايتري ۾ هڪ شخص آيو ۽ ان گهر جي ڪنڊ ۾ وڃي هڪ

ميت کي کلهي تي رکي ٻاهر هليو ويو. پوءِ هڪ شخص کي حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، ان جون مڇون تمام وڏيون، مٿو اگهاڙو هو ۽ ظاهري حليي مان ڪافر لڳي رهيو هو. حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه ان شخص کي ڪلمو شهادت پڙهائي مسلمان ڪيو، پوءِ ان جي مٿي ۽ مڇن جا وار ڪترائي ٽوپي پارائي محمد نالو رکيائين. پوءِ 6 ماڻهو جيڪي ڀرپاسي کان اتي موجود هئا، انهن کي فرمايائون: **اسان ان ستين جي جڳهه تي هن کي مقرر ڪيو.**

اهو فرمائي حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه ٻاهر تشريف کڻي آيا، پوءِ **ٿورا قدم ئي هليا هئا ته بغداد پهچي ويا.** مان به پنيان پنيان پئي آيس. حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه پنهنجي عاليشان مڪان ۾ تشريف کڻي ويا ۽ مان مدرسي هليو آيس.

مان حيران هيس ته آخر هي ڪهڙو واقعو آهي؟ اهو شهر ڪهڙو هو؟ ميت ڪنهن جي هئي؟ حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه ڪنهن کي ڪلمو پڙهايو؟ رات انهيءَ فڪر ۾ گذري وئي.

صبح جو جڏهن مان حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي سامهون پڙهڻ جي لاءِ وينس ته رعب سبب زبان مان ڪجهه ڪُڇي نه سگهيس. حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمايو: پٽ! پڙهو ڇو نٿا؟ مون عرض ڪيو: حضور! رات وارو واقعو ڇا هو؟ مون کي ان کان آگاهه فرمايو! حضور غوثِ اَعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمايو: اهو (ايران جو شهر) نَهاوَند هو ۽ اهي 6 ماڻهو وقت جا ابدال هئا ۽ جنهن جي ڇنگهڻ جو تو آواز ٻڌو اهو ستون ابدال هو، ان جي نزع جو وقت هو، پوءِ ان جو انتقال ٿي ويو.

۽ اهو شخص جنهن کي مون ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو، اهو قسطنطنيه

جو رهڻ وارو هڪ غير مسلم هو، مون ان کي مسلمان ڪري ستين ابدال جي جاءِ تي مقرر ڪري ڇڏيو. وري فرمايائون: اي ابو حسن! جيستائين مان زنده آهيان اهو واقعو ڪنهن کي نه ٻڌائجان.

منہ لگاتا نہیں دُنیا میں جسے کوئی بھی
بالیقیں اس کے طرفدار ہیں غوثِ اعظم
کھوٹے سکّے جہاں چل جاتے ہیں وہ ہے بغداد
واں نکمّوں کے خریدار ہیں غوثِ اعظم
ہو کرم! حسنِ عمل آہ! نہیں ہے کوئی
نہ وظائف ہیں نہ اذکار ہیں غوثِ اعظم[1]

## حديثن ۾ ڪرامتن جون بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! هن سڄي گفتگو مان معلوم ٿيو، ڪرامت حق آهي، الله پاڪ پنهنجي محبوب ٻانهن کي، اولياءِ ڪرام کي اها شان عطا فرمائيندو آهي جو انهن کان ڪرامتن جو ظهور ٿيندو آهي، قرآن ڪريم ۾ به ڪيترين ئي ڪرامتن جو ذڪر موجود آهي، ايئن ئي حديث پاڪ جي مشهور ۽ سيني کان معتبر ڪتابن بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ به ڪيئي ڪرامتن جو ذڪر موجود آهي. پاڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي پوئين اُمّتين جي ولين جون ڪرامتون ٻڌايون. اچو! حصولِ برڪت جي لاءِ حديثن ۾ بيان ٿيڻ واريون ڪجھ ڪرامتون به ٻُڌي وٺون ٿا.

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:560-561ملتقطاً۔

## نندي ٻار ڳالهايو

مثلاً حديث پاڪ ۾ جُريج راهب جي ڪرامت جو ذڪر آهي، حضرت جُرَيج پوئين اُمَّتن مان هڪ ولي هيو، هڪ پيري ڪنهن بدڪردار عورت ان تي غلط الزام لڳايو ۽ پنهنجي ناجائز ٻار جي متعلق چيو تہ هي ٻار جُرَيج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پٽ آهي، اُن تي حضرت جُرَيج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ننڍڙي ٻار کي فرمايو: پٽ! ٻڌايو! توهان جو پيءُ ڪير آهي؟ اهو ٻار جنهن کي پيدا ٿيندي اجا ڪجهہ ئي ڪلاڪ مس ٿيا هئا. اُن ڳالهائيندي چيو تہ منهنجو پيءُ فلاڻو آهي.

(الادب المفرد،باب دعوة الوالدين،صفحہ:23 ،حديث:33خلاصۃً۔ـ)

هي حضرت جُرَيج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرامت هئي، جيڪا اسان جي آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان فرمائي ۽ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي پنهنجي ڪتاب ۾ ذِڪر ڪيو آهي. هن مان خبر پئي ٿي تہ اولياءِ ڪرام کان ڪرامتون ظاهر ٿيڻ بہ حق آهي ۽ اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون ماڻهن کي ٻڌائڻ اسان جي پياري اللّٰه ڪريم جو بہ طريقو آهي ۽ اسان جي محبوب ڪريم، رسول عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ مبارڪ انداز آهي.

اَلحَمْدُلِلّٰه! اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون ٻڌڻ ٻڌائڻ سان دلين ۾ انهن جي محبت وڌندي آهي ۽ ان پاڪيزه ايماني محبت جي برڪت سان قبر ۾، حشر ۾، قيامت جي ڏينهن امن نصيب ٿيندو ۽ دل ۾ ايمان مضبوط ٿيندو آهي. انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ اولياءِ ڪرام سان تمام گهڻي محبت بہ ڪندا ڪيون، انهن جي سيرت بہ پڙهندا ڪيون، انهن جون ڪرامتون، انهن جا ايمان اَفروز واقعا پڙهي ڪري، ٻُڌي ڪري ايمان تازو ڪندا رهون.

## اولياءِ ڪرام سان مدد گهرڻ ڪيئن.....؟

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن اولياءِ ڪرام کي ڪرامتون عطا ڪيون وينديون آهن، ايئن ئي انهن کي مخلوق جو مددگار به بڻايو ويندو آهي، اها به اولياءِ ڪرام جي هڪ ڪرامت آهي ته الله پاڪ جا هي محبوب ٻانها مدد جي لاءِ پڪارڻ وارن جون صدائون ٻڌندا ۽ انهن جي مدد جي لاءِ پهچندا آهن. ڪجھ ماڻهو هن حوالي سان شيطاني وسوسن جو شڪار ٿيندا آهن، مثلاً اهي چوندا آهن ته جڏهن الله پاڪ مدد ڪرڻ تي قادر آهي ته پوءِ غوثِ پاڪ يا ڪنهن ٻئي بزرگ سان مدد ڇو گهرون؟ جواباً عرض آهي ته هي شيطان جو خطرناڪ ترين وار آهي ۽ هن طرح خبر ناهي شيطان ڪيترن ماڻهن کي گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي. حالانڪ الله پاڪ ڪنهن غيرُ الله کان مدد گهرڻ سان منع ئي ناهي فرمايو بلڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي جڳهن تي الله پاڪ ٻين کان مدد گهرڻ جي اجازت ڏني آهي. هونئن به غوث پاڪ يا ڪنهن ٻئي بزرگ جو مدد فرمائڻ غيرُ الله جي مدد آهي ئي نه، بلڪ هيءَ الله پاڪ جي ئي مدد آهي، غوثِ پاڪ به مدد فرمائيندا آهن ته پنهنجي طاقت سان نه بلڪ الله پاڪ جي عطا سان مدد فرمائيندا آهن. ڏسو! غزوهءِ بدر جي موقعي تي الله پاڪ فرشتن کي مدد جي لاءِ موڪليو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِذۡ یُوۡحِیۡ رَبُّکَ اِلَی الۡمَلٰٓئِکَۃِ اَنِّیۡ مَعَکُمۡ فَثَبِّتُوا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ

(سيپارو: 9، سورة انفال: آيت: 12)

ترجمو ڪنزالعرفان: ياد ڪر اي محبوب! جڏهن اوهان جي رب ملائڪن ڏانهن وحي موڪلي ته مان توهان سان گڏ آهيان توهان مسلمانن کي ثابت قدم رکو.

هتي ڏسو! فرشتا به غيرُ الله آهن، الله پاڪ پاڻ فرشتن کي فرمايو: اي فرشتؤ! ايمان وارن کي ثابت قدم رکو! مان توهان سان گڏ آهيان.

غور فرمايو! الله پاڪ ملائڪن کي موڪليو، الله پاڪ چاهي ها ته ملائڪن جي بغير ئي مدد فرمائي ها، الله پاڪ چاهي ها ته ڪافر پنهنجي گهرن ۾ ئي اونڌا ٿي وڃن ها، ميدانِ بدر ۾ اچي ئي نه سگهن ها پر الله پاڪ ملائڪن کي موڪليو، ڇو؟ ان ڪري جو هو الله آهي، هو رب آهي، هو قدرتن وارو آهي، هو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي، ڪو ان کان پڇڻ جي همت نه ٿو ڪري سگهي.

هاڻي غور فرمايو! غزوهءِ بدر ۾ مدد ڪرڻ ڪير آيا؟ ملائڪ آيا پر الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ (سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: آيت: 123)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ الله بدر ۾ توهان جي مدد ڪئي.

مدد ڪرڻ ڪير آيا؟ ملائڪ. الله پاڪ ڇا ٿو فرمائي؟ الله مدد ڪئي. معلوم ٿيو: الله پاڪ جا مُقَرَّب ٻانها، الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي ڏنل طاقت سان مدد ڪن ته هي مدد غيرُ الله جي مدد ناهي بلڪ هي الله پاڪ جي ئي مدد آهي جيڪو هو پنهنجي ٻانهن جي ذريعي ڪرائيندو آهي.

## ٻانهن کان مدد جي ترغيب

حديث پاڪ ۾ ٻانهن کان مدد گهرڻ جي باقاعِدہ ترغيب موجود آهي، 3 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو! (1) منهنجي رحم دل اُمّتين کان حاجتون گهرو رزق ماڻيندؤ.(جامع صغير،صفحه:72، حديث:1106۔) (2) ڀلائي ۽ پنهنجون حاجتون چڱن صورتن وارن سان گهرو.( معجم كبير،جلد:5،صفحه:271، حديث:10947۔) (3) حاجت رَوا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي يا رستو ڀلجي وڃي ۽ مدد جي ضرورت هجي ۽ توهان اهڙي هنڌ آهيو جتي ڪوبه مددگار ناهي ته هيئن پڪاريو :

يَاعِبَادَاللهِ اَغِيْثُوْنِيْ، يَاعِبَادَاللهِ اَغِيْثُوْنِيْ اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو! اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو. جو الله پاڪ جا ڪجھ ٻانها آهن جن کي هي نٿو ڏسي.

( معجمِ كبير،جلد:7،صفحہ:48،حديث:13737۔)

علّامہ نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي پاڻ هن حديث شريف جو تجربو ٿيو آهي، اسان ڪجھ ماڻهو هڪ ڀيري ڪٿي سفر تي هئاسين، اسان جو جانور اسان کان ڇڏائي ڀڄي ويو، اسان ان کي پڪڙڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهياسين، ان وقت مون هيئن پڪاريو :اَعِيْنُوْنِيْ عِبَادَ الله! اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو! بس ايترو چوڻو هو تہ اهو جانور بيهي رهيو ۽ اسان ان کي پڪڙي ڪري اڳتي روانا ٿياسين.

(اذكار للنووى،كتاب:اذكار المسافر،باب ما يقول انفلتت دابتہ ، صفحہ:415۔)

بهرحال پيارا اسلامي ڀائرو! مصيبت اچي، پريشاني اچي، ڪا مشڪل هجي، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پڪارڻ، سندن کان مدد گهرڻ ۾ ڪو حرج ناهي. صديون گذري ويون، وڏا وڏا اولياءِ ڪرام، علماءِ ڪرام غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ٻين بزرگن کي الله پاڪ جي مدد جو مظهر سمجهي ڪري کين پڪاريندا، انهن کان مدد گهرندا آيا آهن ۽ الحمد لله! ڪوڙ ڀيرا تجربو آهي تہ الله وارن کان جيڪڏهن مدد گهرون تہ هي مدد فرمائيندا آهن.

الله پاڪ اسان سڀني کي اولياءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ، اولياءِ ڪرام جي شان ۽ عظمت تي ايمان رکڻ، انهن جو ادب ڪرڻ، انهن جي بي ادبي کان بچڻ ۽ انهن جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت

اسلامي، فيضانِ غوثِ پاڪ آهي، فيضانِ خواجه ۽ رضا بلڪ فيضانِ اولياء آهي، اولياءِ ڪرام جي مبارڪ تعليمات سکڻ، سندن سيرت مان روشني ڪٽي ڪري پنهنجي زندگي چمڪائڻ، سينو مدينو بڻائڻ يعني پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۽ سنّتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ اوهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺندا ڪيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم !دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال به آهي.

❁ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ (پ28 الحشر:18)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ هر ساهه ڏسي ته ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي.

❁ رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو مُحاسبو ۽ مرڻ کان بعد جي لاءِ عمل ڪري. (ترمذی، ابواب صفة القيامة، صفحه:583، حديث:2459). ❁ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي ته اسان پنهنجي عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي اعمال جو جائزو وٺون. ❁ دورِ حاضر ۾ امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: رسالو نيڪ اعمال (مبلغ کي گهرجي ته نيڪ اعمال جو رسالو پاڻ وٽ رکي ۽ ڏيکاري به) ❁وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن جي لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لکيل آهن ❁ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن. ❁ روزانو سوال پڙهي ڪري پنهنجو جائزو وٺي ڪري خانا پرٽا هوندا آهن. ❁ صحيح اسلامي زندگي گذارڻ جو اهو بهترين

نسخو آهي. ❁ هن جي ذريعي نہ ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي. اوهان بہ هي رسالو خريد ڪيو! روزانو پنهنجو جائزو وٺندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو. ❁ اخلاق سنا ٿيندا. ❁ ڪردار چڱو ٿيندو، ❁ عادتون بهتر ٿينديون. ❁ نيڪين تي استقامت ملندي. ❁ گناهن کان نفرت ٿيندي. ❁دل روشن ٿيندي. ❁ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي. ❁ عشق رسول ۾ اضافو ٿيندو. ❁ روحانيت ملندي ۽. ❁ فڪر آخرت نصيب ٿيندي. ❁ نيڪ اعمال نالي ايپلي ڪيشن بہ موجود آهي وڏيڪ آساني گهرو تا تہ پنهنجي موبائل ۾ (*Naik Amaal*) نالي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ۽ روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو.!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي نماز پڑهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (Introduction) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري

زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿو هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهسته آهسته پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین[1]

**نوٽ:** دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي

## اسلامڪ اي بڪ ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي ڪاوشن سان اسلامڪ اي بُڪ ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي مڪتبة المدينه طرفان شايع ٿيڻ وارا ڪتب و رسائل تقريباً 38 زبانن ۾ مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا، اها ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو، پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه

---

[1] ..وسائلِ بخشش، صفحه:258۔

سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سرمو پائڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سُرمن مان بهتر سرمو اِثمد آهي جو ته هي نگاهن کي روشن ڪندو ۽ پلڪون پيدا ڪندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! ❁ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ❁ ڪارو سرمو يا ڪاجَل زينت جي نيّت سان (يعني خوبصورتي جي نيّت سان) مرد کي پائڻ مڪروه آهي ۽ زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت ناهي، ❁ سرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي ❁ سرمو استعمال ڪرڻ جي 3 منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کابي اک ۾ 2 (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي ئي واري واري سان اکين ۾ لڳايو اهڙيءَ طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ٽنهين طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! ادب ۽ تعظيم جا جيترا بہ ڪم آهن سڀ اسان جا پيارا آقا

---

1... مشكوة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

2... ابن ماجه، كتاب الطب، باب:الكحل بالاثمد، صفحه:566، حديث:3497۔

صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو لڳايو پوءِ کابي ۾.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

1... 550سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔